ڊاڪٽر ساجده پروين
اسسٽنٽ پروفيسر
سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي

# ساختياتي تنقيد ۽ سنڌي ادب

## STRUCTURAL CRITICISM AND SINDHI LITRATURE


### Abstract

Structuralism is the theory, which was originated from the modern linguistic movement of 20th century. This theory was presented by the French scholar Ferdinand de Saussure. Theory is principally based on his linguistic model.

Structuralism claims that elements of human culture can be understood in terms of their relationship in the larger overarching system of structure. This perspective is new and different because before this theory it was believed that language is encircled with meaning.

In literature, structural criticism is developed from the theory of structuralism. structural critics consider language as a system of signs.

They try to analyze function of elements of a text by the help of "structure" and it's cultural system which is based on linguistic codes. This approach attempts to study the literature as an objective perspective.

In this research paper, I have tried to present structural criticism of Sindhi literature. At first stage, different words and phrases from Sindhi language are discussed, those have changed their meaning due to their "structure" such as,

جانور ، استاد ، شراب ، آسمان مان تارا لاهڻ ، اک هٽڻ ، ٻيرن ڪان ٻير گهرڻ .

After that few, English, Hindi and Arabic language words are analyzed, have changed their "structure" and have taken new forms in sindhi language as like ,

جل مان جر ، ساجن ڪان سا ڄن، ما شا الله مان شال ۽ اسٽاپ مان اسٽآن.

Eventually, at last I have structurally criticized Sindhi literature of different periods such as classical and liberal periods.


ويهين صديءَ جي شروعات ۾ جتي ادبي دنيا ۾ ڪيترين ئي نيون ادبي تحريڪون وجود ۾ آيون، اتي ئي لسانيات جي دنيا ۾ بہ ڪيترائي انقلاب برپا ٿيا، جن جي بنياد تي ڪيترن ئي جديد نظرين جي شروعات ٿي. اهڙين جديد لساني تحريڪن ۾ ساختيات، ساختيات پڄاڻان ۽ پيچ گهڙ جهڙن نظرين کي خاص اهميت

حاصل آهي. انهن نظرين جو اساس هيٺئين ٽڪنڊي تي رکيل آهي.




ان ٽڪنڊي جي ڪنهن به هڪ جزي کي بحث هيٺ آڻڻ سان ٻيا ازخود موضوع بڻجيو وڃن. ساختيات جي وصف آڪسفورڊ ڊڪشنري مطابق:

"Structuralism is method of analyzing a subject (e.g: Social Sciences, Psychology, Language, Literature) which concentrates on the structure of a system and the relation between its elements, rather than on the function of those elements." (1)

**ترجمو:** "ساختيات، سماجي سائنس، نفسيات، ٻولي ۽ ادب کي جاچڻ جو تجزياتي علم آهي، جيڪو ڪنهن نظام جي صرف ساخت ۽ انهن جي وچ ۾ موجود عنصرن جو جائزو، سندن ڪم ڪان بغير وٺي ٿو."

مطلب ته ساختيات جو اصطلاح ٻوليءَ سان گڏوگڏ ادب تي به لاڳو ٿئي ٿو، تنهن ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته ساختيات، اهو تجزياتي علم آهي، جيڪو ٻوليءَ ۽ ادب جي مختلف عنصرن جي جانچ پڙتال جو مطالعو ۽ گڏوگڏ انهن جو پاڻ ۾ گڏيل لاڳاپو ڏيکاري ٿو.

برٽينيڪا انسائيڪلو پيڊيا مطابق، ساختيات جي وصف هن ريت آهي:

"Any one of several schools of 20th Century linguistics committed to the principles of structuralism notably to the principle that a language is a self-contained relational structure, the elements of which derive their existence and their value from their distribution and oppositions in texts or discourse." (2)

**ترجمو:** "ويهين صديءَ جي ڪيترن ئي فڪري اسڪولن مان لسانيات جي هڪ شاخ، جيڪا ساختيات جي اصولن تي جڙيل آهي، خاص طور سان ان اصول تي ته ٻولي پنهنجي ئي مواد ۾ خود ساخته آهي. ٻولي پنهنجي متن ۽ ڳالهائڻ ۾ ورهاست جي مخالف قدرن ذريعي پنهنجي وجود جو عنصر جاري رکندي آهي."

هتي اهو نڪتو پڻ واضح ٿئي ٿو ته ساختيات جي شروعات تقريباً ويهين صديءَ کان ٿي آهي. ان جا باقاعده ڪجهه اصول ۽ قاعدا آهن، جن مطابق ٻولي هڪ خودڪار نظام آهي. ٻين لفظن ۾ اسان اهو پڻ چئي سگهون ٿا ته ٻوليءَ جي اندر ئي ان جي معنيٰ ۽ مفهوم لڪل هوندو آهي. ان جي مختلف عنصرن جي جاچ پڙتال ۽

تجزئي لاءِ اضافي طور ڪابہ شيءِ گهربل ناهي هوندي.

ساختيات جو تعلق جيئن تہ لسانيات يا زبان جي علم سان آهي ۽ زبان فارميولائيز هوندي آهي، تنهن ڪري ان جو دائرو بہ محدود آهي.

برطانيہ جو مشهور فلسفي سائمن بليڪ برن (Simon Blackburn) ساختيات بابت لکي ٿو:

> "Structuralism is the belief that phenomena of human life are not intelligible except their interactions. These relations constitute a structure and behind local variations in the surface phenomena. There are constant laws of abstract culture." (3)
>
> ترجمو: "ساختيات انهيءَ ڳالهہ تي يقين رکي ٿي تہ انساني زندگيءَ جو مظهر ۽ پيش منظر الڳ سمجهي نٿو سگهجي، بلڪہ انهيءَ کي سندس لاڳاپن ۽ هڪٻئي جي پيٺ سان ئي سمجهي سگهجي ٿو. اهي لاڳاپا هڪ ساخت ظاهر ڪن ٿا، جيڪي زندگيءَ جي تشڪيل جي پس پرده تبديلين جا مستقل قانون آهن."

مجموعي طور سان مٿي بيان ڪيل وصفن مان اسان اهو نتيجو اخذ ڪري سگهون ٿا تہ ساختيات ويهين صديءَ جي هڪ تحريڪ آهي، جنهن جو جنم لسانيات جي ڪُک مان ٿيو. لسانيات جيئن تہ زبان جو علم آهي، تنهن ڪري ان جي دائري اندر ادب جو تجزيو بہ شامل ٿئي ٿو، پر جيئن تہ لسانيات هڪ تجزياتي ۽ فارميولائيز علم جي طريقي ڪار جو نالو آهي، تنهن ڪري ان جا ڪجهہ مخصوص ۽ مستقل اصول ۽ قاعدا قانون آهن، جيڪي ٻولي ۽ ادب جي ساخت ۽ انهن جي مختلف عنصرن جي پاڻ ۾ لاڳاپي کي بحث هيٺ آڻين ٿا.

"ساخت" لفظ جي تصور کي اڳتي هلي اسان تفصيل سان بحث هيٺ آڻينداسين. بهرحال ساختيات ۽ ساختياتي تنقيد بہ الڳ الڳ اصطلاح آهن. مختلف ادبي نظرين وانگر ساختياتي تنقيد هڪ تنقيدي نظريو آهي، جيڪو ادب جي تخليقي عمل، ثقافتي نظام ۽ پڑهندڙ تي ادب جي مخصوص اثرن بابت ڪي خاص تصور رکي ٿو، جنهن جو پنهنجو هڪ مخصوص دائرو آهي. جڏهن تہ ساختيات زبان/ٻوليءَ جي مطالعي جو هڪ مخصوص طريقي ڪار آهي، جنهن کي زبان جي تحقيق جو هڪ خاص طريقو بہ چئي سگهجي ٿو. ناصر عباس نير لکي ٿو:

> "ساختیات اور ساختیاتی تنقید دو مترادف اصطلاح نہیں۔ ساختیاتی تنقید ایک تنقیدی نظریہ ہے جب کہ ساختیات نہ نظریہ ہے اور نہ علم۔" (4)

مختصر طور لسانيات جي دائري اندر ساختيات سان گڏوگڏ ٻيون بہ ڪوڙ شاخون اچي وجن ٿيون، جهڙوڪ: سماجيات، سياسيات، ادب، تاريخ ۽ فلسفو وغيره.

## ساختيات جو تاريخي پس منظر:
(Historical Background of Structuralism)

ساختياتي تحريڪ جو باني فرانسيسي مفڪر ۽ لسانياتي ماهر فرڊيننڊ ڊي سوسيئر Ferdinand de Saussure (1857-1913) آهي. ساختيات جا بنيادي اصول سوسيئر جي لساني فڪر/ماڊل جي نالي سان سڃاتا وڃن ٿا، جيڪي سندس وفات کان پوءِ 1915ع ۾ سندس شاگردن جي ورتل نوٽس جي مدد سان ڪتابي صورت ۾ "The Course in General Linguistics" ۾ پهريون دفعو پيئرس مان شايع ڪيا ويا. ان حوالي کان ڊيوڊ لاڊ لکي ٿو:

"The Theory was never published by Saussure himself in a complete and authoritative form." (5)

ترجمو: "سوسيئر پاڻ ڪڏهن به مڪمل ۽ قابل قدر صورت ۾ اهو نظريو شايع نه ڪرايو."

سوسيئر کان سواءِ جن لسانياتي ماهرن جي فڪر، ساختيات کي متاثر ڪيو، انهن ۾ رومن جيڪب سن (Roman Jackobson)، ترويتز ڪائي (Trubetz Koy)، ايمائيل بن ونسٽي (Emile Benveniste)، نوم چومسڪي (Noam Chomsky) ۽ لائوس هيلم سليو (Louis Hyelmslev) جا نالا شامل آهن. جڏهن ته سوسئير جي فڪر کي جن ساخت پسند نقادن اڳتي وڌايو انهن ۾ ڪلاڊي ليوي اسٽراس (Claude Levi Strauss) ۽ رولينڊ بارٿز (Roland Bathes) جا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا.

ڏنو وڃي ته ويهين صديءَ جي ادبي دنيا ۾ سوسيئر جي خيالن هڪ وڏو انقلاب برپا ڪيو، ڇاڪاڻ ته سوسئير کان اڳ زبان جو اڀياس فقط تاريخي پس منظر ۾ ڪيو ويندو هو. سوسيئر پهريون شخص هو، جنهن اها دعويٰ ڪئي ته زبان جو اڀياس فقط موجوده وقت يا حال ۾ ڪرڻ گهرجي. ان حوالي سان قمر جميل لکي ٿو:

"سوسیئر سے پہلے زبان کا مطالعہ، تاریخی تناظر میں کیا جاتا تھا، یعنی نقطۂ نظر "Diachronic" تھا، یعنی دوزمانی نظریہ۔ سوسیئر نے کہا زبان کے اسٹرکچر کو سمجھنے کے لیے دوزمانی نظریہ لاحاصل ہے۔ ہمارا لسانیاتی مطالعہ یک زمانی ہونا چاہیے۔ وہ کہتا تھا کہ حقیقت کا یک زمانی اظہار ہی حقیقت کا اصل اظہار ہے۔" (6)

سوسيئر جي لسانياتي فڪر جي بنياد تي ئي ادب ۾ ساختيات ۽ ساختيات پڄاڻان تحريڪن جو بنياد پيو. ان حوالي کان ڊيوڊ لاڊ (David Lodge) لکي ٿو:

"Saussure is widely regarded as the father of modern linguistics because his theory of language & how it should be studied played a seminal part in the development of structuralism." (7)

ترجمو: "سوسيئر جديد لسانيات جو باني هو، ڇاڪاڻ ته هن جي

لسانياتي نظريي ذريعي اها ڳالھ واضح ٿئي ٿي تہ ٻوليءَ جي معنيات ۽ ساختيات جي ترجيح ۽ تدوين ڪئين ٿئي."

**"ساخت" لفظ جو مفهوم/تصور** (Concept of word "Structure"):

ساختيات جي فلسفي ۾ لفظ ساخت جي تصور کي سمجهڻ نهايت ئي ضروري آهي. ساخت جو عام رائج مفهوم شڪل يا بناوٽ ان جي معنيٰ جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا يا ان جو ڪو مخصوص اصطلاحي مطلب آهي. ان حوالي سان ناصر عباس نير لکي ٿو:

*"ساختیات میں ساخت ایک منفرد اور غیر عمومی اصطلاحی مفہوم کی حامل ہے۔"* (8)

ان جو مطلب اهو ٿيو تہ ساختيات جو "ساخت" لفظ جي عام رائج معنائن سان ڪوبہ واسطو نہ آهي. بهرحال اها ناصر عباس جي انفرادي ۽ ذاتي راءِ آهي. اسان پنهنجي آسانيءَ خاطر "ساخت" جي مفهوم/تصور کي سمجهڻ لاءِ "ساخت" لفظ جي عام رائج معنائن کي ڪتب آڻينداسين.ساخت، شڪل يا بناوٽ جي تصور کي اسان ٽرئفڪ سگنل جي هن مثال ذريعي آسانيءَ سان سمجهي سگهون ٿا.

ٽرئفڪ سنگل ۾ ٽن ڦڪي، ڳاڙهي ۽ سائي رنگن جون بتيون ٿينديون آهن، جن مان اسان تيار رهڻ، بيهڻ ۽ وڃڻ جو مطلب وٺندا آهيون، پر اهو انهن رنگن جو عام رواجي مطلب نہ آهي. دنيا جي مختلف ثقافتن ۾ رنگن جي مختلف معنيٰ هوندي آهي، جيئن ڳاڙهو رنگ  خوشي، جوش، خطري ۽ انقلاب جي نشاني آهي، ساڳئي وقت سائو رنگ زرخيزي، اڪثريت ۽ بزرگيءَ وغيره جي، پر ٽرئفڪ جي نظام ۾ سگنل جي انهن رنگن جو مفهوم ان معنيٰ کان بلڪل الڳ ۽ منفرد آهي، جيڪو عام طور تي ورتو ويندو آهي.

هتي غور ڪرڻ جهڙي ڳالھ اها آهي تہ بذات خود فطري طور ڪنهن بہ رنگ جو ڪو هڪ مخصوص طئي ٿيل مفهوم نہ آهي. شين ۾ مفهوم ۽ رشتو تڏهن ئي پيدا ٿئي ٿو، جڏهن اهي ڪنهن نظام هيٺ هڪبئي سان رابطي ۾ اچن ٿيون. ساڳئي وقت پوءِ اهو رشتو، ربط ۽ هم آهنگيءَ وارو بہ ٿئي ٿو تہ تضاد جو بہ.

جيئن ٽرئفڪ سگنل ۾ ڳاڙهي، سائي ۽ ڦڪي بتي، هڪبئي لاءِ لازم ۽ ملزوم بڻجي وڃن ٿيون، ڪنهن بہ هڪ بتيءَ جي غير موجودگي، ٽرئفڪ سگنل جي نظام کي اڻپورو بڻائي ڇڏي ٿي، پر ساڳئي وقت اهي ٽئي بتيون هڪبئي جو ضد بہ آهن. ڳاڙهي رنگ جي بتي، ڦڪي رنگ جي بتيءَ جو ڪم نٿي ڏيئي سگهي ۽ ڦڪي رنگ جي بتيءَ مان سائي رنگ جي بتيءَ جي علامت نٿي وٺي سگهجي. تنهن ڪري اسان چئي سگهون ٿا تہ ٽرئفڪ سگنل جي انهن ٽنهي رنگن جي بتين جي پاڻ ۾ گڏيل رشتي، ميلاپ ۽ تضاد سبب جيڪا تجريدي شڪل اسان جي سامهون اچي

ٿي، اها ان جي ساخت، شڪل يا بناوٽ آهي.هتي اها ڳالهه پڻ واضح ٿئي ٿي ته مختلف رنگن جي معنيٰ اصل ۾ ساخت سبب ئي پيدا ٿئي ٿي، جنهن نظام ۾ اهي موجود هجن ٿا، نه ته ٻي صورت ۾ ڪوبه رنگ بذات خود الڳ ۽ منفرد طور ڪا به معنيٰ ۽ مفهوم نٿو رکي.

'ساخت' لفظ جي مفهوم کي سمجهڻ لاءِ جيڪو مثال ڏنو ويو آهي، ان لاءِ Hans Bertens جي ڪتاب The Basics Literary Theory تان مدد ورتي وئي آهي.

## سوسيئر جو ٻوليءَ بابت نظريو ۽ لسانياتي ماڊل:

## (Saussure's Theory of Language & Linguistic Model)

مٿي بيان ڪيل لفظ "ساخت" جو ساڳيو تصور ساختيات جي فلسفي سان به لاڳو ٿئي ٿو.

سوسيئر ٻوليءَ کي هڪ نظام يا ساخت تحت ڏسي ٿو. اها ٻولي وري انساني ثقافت جو حصو آهي ۽ ثقافت وري انساني رابطي جو، اهڙي ريت سوسيئر جو فلسفو هر نظام اندر وري ڪجهه ٻيا نظام ڏسي ٿو. اهو نظام ننڍي کان شروع ٿيندي آهستي آهستي وڏو ٿيندو وڃي ٿو ۽ آخرڪار ننڍا ننڍا نظام ملي هڪ وڏي ساخت يا نظام جو حصو ٿي وڃن ٿا. سوسيئر جو چوڻ آهي ته ڪابه شيءِ نظام کان ٻاهر ناهي ۽ جيڪڏهن ڪا شيءِ ٻاهر آهي ته پوءِ اها ڪنهن ساخت جو حصو نٿي ٿي سگهي، تنهن ڪري سوسيئر چوي ٿو ته جڏهن ٻوليءَ جو نظام به ثقافتي عمل سان لهه وچڙ ۾ اچي ٿو ته لفظن جي هڪ مخصوص ساخت ٺهي پوي ٿي، جنهن ذريعي معنيٰ جو جنم ٿئي ٿو نه ته ٻي صورت ۾ ڪو اڪيلو لفظ بغير ڪنهن نظام جي ازخود ڪابه معنيٰ نٿو رکي ۽ نه ئي اهو ڪنهن ساخت جو حصو ٿي سگهي ٿو. ٻولي ۽ ادب ۾ ساختيات جي فلسفي جو تعلق جيئن ته سوسيئر جي لسانياتي ماڊل تي رکيل آهي، تنهن ڪري هاڻ اسين سوسيئر جي لسانياتي ماڊل جو جائزو وٺنداسين.

سوسيئر، نشان (Sign) ۽ نشانياتي نظام (Sign System) بابت نهايت ئي اهم نڪتا واضح انداز ۾ پيش ڪيا آهن. سوسيئر زبان کي نشانن (Signs) جو هڪ وسيع علم قرار ڏنو آهي. هتي نشان مان مراد ڳالهايل يا لکيل صورت وارو اهو لفظ آهي، جنهن کي اسان ڪنهن به زبان جو بنيادي ايڪو تصور ڪندا آهيون.

> "Language is a system of signs that express ideas and is therefore comparable to a system of writing." (9)

> ترجمو: "ٻولي نشانين جو سرشتو آهي، جنهن جي ذريعي خيالن جو اظهار ڪجي ٿو ۽ انهيءَ ڪري لکت جي سرشتي سان نسبت اٿس."

سوسيئر ان اصول کي واضح ڪيو ته نشانن جي نظام ذريعي زبان جي معنيٰ

۾ مفهوم کي پرکي سگهجي ٿو. ان سان گڏوگڏ زبان جي ساخت، شڪل يا بناوٽ جي اڀياس ذريعي زبان جي مختلف عنصرن جي سڃاڻپ، سندن هڪٻئي سان لاڳاپيل تعلق، فرق جي تصور، هم آهنگيءَ ۾ تضاد وارن رشتن کي قائم رکي سگهجي ٿو، جن جي بنياد تي ئي دنيا جي ڪابہ ٻولي، ڳالهائي، سمجهي ۾ لکي ويندي آهي.

سوسيئر جو لسانياتي ماڊل ٻن حصن تي مشتمل آهي. هڪ نشان (جنهن کي سوسيئر لفظ بہ چيو آهي) ۽ ٻيو زبان. نشان توڙي زبان کي سوسيئر وري ٻن اهم حصن ۾ ورهايو آهي.

سوسيئر جو لسانياتي ماڊل




نشان/لفظ ۾ زبان ۾ ان جي تصور جو ميلاپ هوندو آهي. سگني فائير ان نشان جي معنيٰ جڏهن تہ سگني فائيڊ ان جي معنيٰ جي تصور کي قائم ڪرڻ ۾ مدد ڏيندڙ هوندو آهي.

سوسيئر لکي ٿو:

"The linguistic sign unites, not a thing and a name but a concept and a sound – image." (10)

ترجمو: "لساني نشان گڏجي ڪو نالو يا شيءِ نٿيون ڳاهن پر ڪنهن شيءِ جو تصور ڳاهن ٿيون، يا ڪنهن شيءِ جي تصور جو آواز ڳاهن ٿيون."

مثال طور جيڪڏهن وڻ سگني فائير آهي تہ وڻ جو تصور سگني فائيڊ آهي. هن ماڊل کي هن ريت بہ آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو.



سوسيئر جو چوڻ آهي تہ سگني فائير زبان جو مادي، جڏهن تہ سگني فائيڊ غيرمادي پهلو آهي. سگني فائيڊ جو تصور قدرتي طور تي انسان جي لاشعور جو حصو هوندو آهي. زبان جا اهي ٻئي رخ، هڪٻئي لاءِ لازمي هوندا آهن، جن کي ورهائي الڳ نٿو ڪري سگهجي. يعني ساختياتي لساني تجزئي جي مطابق ڪنهن بہ نشان جي معنيٰ، ان جي تصور کان سواءِ وجود رکي ئي نٿي سگهي، پر ساڳئي وقت سوسيئر جو اهو پڻ موقف آهي تہ سگني فائير ۽ سگني فائيڊ هڪٻئي لاءِ لازمي جُز تہ آهن پر انهن جي وچ ۾ جيڪو رشتو يا لاڳاپو آهي، اهو مصنوعي، آزاد ۽ خودمختيارانہ (Arbitrary) آهي.

سوسيئر لکي ٿو:

> "The term implies simply that the signal is unmotivated: That is to say arbitrary in relation to its signification with which it has no natural connection in reality. In conclusion linguistic signs are arbitrary." (11)

تنهن ڪري اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ اسان ڪنهن بہ شيءِ جي نمائندگيءَ لاءِ جيڪو لفظ يا نشان جوڙيو آهي، اهو ان شيءِ جي حقيقي فطرت ۽ داخلي خاصيت سان ڪو تعلق رکندڙ هجي. درحقيقت لفظ ۽ ان شيءِ جي وچ ۾ ڪوبہ فطري، حقيقي ۽ منطقي رشتو ناهي هوندو، يعني لفظ وڻ، ان جي معنيٰ، ان جو تصور ۽ اها شيءِ جيڪا زمين مان پيدا ٿئي ٿي، جنهن ۾ ٿُڙ، شاخون ۽ پن ٿين ٿا، ڪوبہ فطري رشتو ناهي هوندو. لفظ وڻ جي معنيٰ ۽ تصور ۾ وڻ جي ڪا بہ خاصيت موجود ناهي هوندي، نہ ئي وري ان جي تصور قائم ٿيڻ ۾ ڪنهن خارجي قوت جو عمل دخل هوندو آهي. تنهن ڪري سوسيئر ان نتيجي تي پهچي ٿو تہ زبان هڪ خودمختيار نظام آهي، جيڪو حقيقت ۾ فقط زبان جي ساخت سبب ئي قائم آهي.

هتي اسان کي وجوديت جو پڙاڏو بہ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. جنهن وجود جو ڪوبہ جوهر ناهي يا وري ڪنهن جوهر سان تعلق فطري نہ اٿس. جيڪو بہ عمل ڪيو ويندو آهي اهو دراصل هڪ خودفريبي هوندي آهي، يعني ڪو بہ مثالي ڪردار هوبهو ان وجود لاءِ ناهي هوندو، پر اهو فرض (Assume) ڪيو ويندو آهي، جيڪو هڪ مخصوص ڪلچر مان اڌارو ورتل هوندو آهي. بلڪل اهڙيءَ طرح ساختيات ۾ لفظ جي ساخت ۽ معنيٰ جو پاڻ ۾ ڪوبہ تعلق ناهي هوندو، نہ وري لفظ ۽ شيءِ جو ڪو فطري رشتو هوندو آهي، بلڪ اهو بہ فرض (Assume) ڪيو ويندو آهي ۽ انهيءَ (Assumption) جو تعلق ڪلچر سان آهي.

گوپي چند لکي ٿو:

"زبان کی خود مختاریت، در حقیقت زبان کی ساخت کو قائم کرتی ہے اور اس کی حفاظت کرتی ہے۔" (12)

اهوئي سبب آهي جو مختلف معاشرن ۾ هڪ ئي شيءِ جا مختلف نالا هوندا

آهن، ڇاڪاڻ ته هر معاشرو ناليءَ ڏيڻ جي عمل لاءِ آزاد هوندو آهي. مثال طور وڻ کي اردوءَ ۾ درخت، انگريزيءَ ۾ Tree جڏهن ته فارسي ۽ عربيءَ ۾ شجر چوندا آهن، تنهن ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته زبان ۾ شين کي نالن ڏيڻ جو عمل ته آفاقي آهي پر انهن جي جوڙڻ ۾ هر معاشري جي ثقافتي عمل جو ڪردار اهم هوندو آهي.

جيئن ته ٻولي ثقافتي ساخت جو حصو آهي، تنهن ڪري ٻوليءَ کي معنيٰ به انهيءَ ساخت ۾ ملي ٿي، جيڪا هترادو هوندي آهي. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته پوءِ دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ وَڻَ کي وَڻُ ئي چيو وڃي ها ۽ پوري دنيا جي ٻولي به هڪ ئي هجي ها، پر ائين نه آهي، تنهن ڪري سوسيئر ان نتيجي تي پهچي ٿو ته زبان فقط هڪ صورت (Form) آهي، جيڪا طبعي حقيقت آهي ۽ جوهر کان وانجهيل هئڻ سبب هر وقت تبديليءَ واري مرحلي مان گذرندي رهي ٿي.

گوپي چند نارنگ لکي ٿو:

"Language is a form, not a substance." (13)

ترجمو: "ٻولي متن جي شڪل آهي جيڪا جوهر کان بغير آهي."

ان کان سواءِ ساختيات ٻٽن ابتڙن (Binary Oppositions) واري تصور کي اهميت ڏئي ٿي

اهميت ڏئي ٿي. سوسيئر چوي ٿو ته زبان جو سمورو ذخيرو ٻٽن ابتڙن ۽ مخالف لفظن جي آڌار تي مشتمل ٿئي ٿو. اسان ڪنهن به شيءِ کي فقط ان ڪري سڃاڻون ٿا ڇاڪاڻ ته ان جو ضد موجود آهي.

مثال طور رات جو ضد ڏينهن، اڇي جو ضد ڪارو، روشنيءَ جو ضد اوندهه، بهار جو ضد سرءُ ۽ مرد جو ضد عورت وغيره. متضاد لفظن تي مشتمل اهو زبان جو اهڙو ته وسيع ۽ اٽڪندڙ ڄار آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي ته لفظ پنهنجو پاڻ قائم دائم نٿا رهن بلڪ اهي ٻين متضاد لفظن جي آڌار تي پنهنجو وجود قائم رکن ٿا.

ان حوالي سان قمر جميل لکي ٿو:

"پوری زبان تخالف باہمی (Binary Opposition) کا ایک جال ہے۔ ایک ایسا جال جو کہیں ختم نہیں ہوتا، اس سے یہ پتہ چلتا ہے کہ لفظ قائم بالذات نہیں بلکہ قائم بالغیر ہے۔" (14)

تنهن ڪري سوسيئر آخرڪار ان نتيجي تي پهچي ٿو ته زبان ۾ فقط فرق آهن، تنهن ڪري زبان اندر ڪنهن به قسم جو مثبت يا هاڪاري اظهار ڪونهي ۽ زبان ۾ معنيٰ به لفظن جي تضاد واري رشتي جي سبب پيدا ٿئي ٿي.

"In language there are only differences without positive terms." (15)

هاڻي اسان سوسيئر جي لسانياتي ماڊل ۾ زبان جي ٻن حصن لانگ (Langue) ۽ پارول (Parole) کي بحث هيٺ آڻينداسين. سوسيئر جي مطابق لانگ، ٻوليءَ جي گرامر آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جا قاعدا، قانون ۽ ضابطا موجود هوندا آهن، جيڪي زبان

ڪي نحوي ترڪيب بخشيندا آهن، جڏهن ته پارول مان مراد ڳالهه ٻولهه يا مڪالمي جي آهي. ٻين لفظن ۾ سماج جو فرد جيڪا ٻولي ڳالهائي ٿو، اُن ڳالهائڻ واري عمل کي سوسيئر، پارول (Parole) سڏيو آهي.

لانگ يا زبان جي گرامر درحقيقت زبان جي تجريدي ساخت آهي، جيڪا ڳالهائيندڙ جي ذهن ۾ لاشعوري طور تي موجود هوندي آهي ۽ ڳالهائڻ يا ابلاغ جي عمل کي ڪنٽرول ڪندي آهي، پر لانگ يا زبان جي گرامر کي اظهار لاءِ پارول يا ڳالهه ٻولهه جي ضرورت پوندي آهي.

گوپي چند نارنگ لکي ٿو:

*"لانگ (Langue) زبان کا نظام محض ہے۔ اصول و ضوابط کا ذہنی تصور جو غیر شخصی ہے اور جو زبان کے بار بار استعمال کا سرچشمہ ہے، جب کہ Parole اسی کا وہ فی الواقعہ استعمال ہے جو روز مرہ تکلم میں رونما ہوتا ہے اور اصلاً زبان کے کلی تجریدی نظام سے ماخوذ ہے۔"*(16)

انهيءَ تصور کي هيٺئن به سمجهي سگهجي ٿو:

| | | |
|---|---|---|
| زبان ⟸ | لانگ | زبان جي گرامر |
| | ـــــ | ـــــ |
| | پارول | مڪالمو / ڳالهه ٻولهه |

ڏنو وڃي ته ڪابه ٻولي گرامر ۽ لفظن جي باهمي رشتي تي مدار رکندي آهي. گرامر ۾ لفظن جو هڪ مقرر سلسلو ۽ جملن جي مخصوص ترتيب (Syntax) ٿئي ٿي، جنهن تحت جملي ۾ معنيٰ مقرر ٿيندي آهي. مثال طور: "مظهر نظم لکيو." هن جملي ۾ جيستائين آخري لفظ "لکيو" نٿو اچي، تيستائين معنيٰ ظاهر نه پئي ٿئي. سوسيئر ان کان اڳتي وڌندي چوي ٿو ته جملي ۾ اهي امڪاني لفظ جيڪي غير حاضر آهن، اهي به معنيٰ کي ظاهر ڪرڻ ۾ پورو ڪردار ادا ڪن ٿا. جيئن جيڪڏهن "لکيو" جي بجاءِ "پڙهيو"، "موڪليو"، "ڦاڙيو" يا "ساڙيو" وغيره جهڙا لفظ اچن ته معنيٰ بدلجي وڃي ٿي. سوسيئر ان عمل کي 'Paradigmatic' اصطلاح جو نالو ڏنو آهي، جيڪو گرامر ۾ لفظن جي تشريح سان تعلق رکي ٿو، جنهن سبب جملن ۾ نحوي ترڪيب پيدا ٿئي ٿي.

مٿئين بحث مباحثي کان پوءِ اهو نتيجو اخذ ٿئي ٿو ته ساختيات، ادب جو اهو نظريو آهي، جنهن مطابق ڪنهن به زبان جي حقيقت ان جي اندر ئي موجود هوندي آهي، جنهن کي پڙهڻ، پرکڻ ۽ سمجهڻ لاءِ متن کي جاچڻ يا متن جي تجزيي جي ضرورت پوندي آهي، جنهن کي متن جو (Decode) ڪرڻ جو عمل ڪوٺيو وڃي ٿو. انهيءَ تجزيي جو بنياد سوسيئر جي لسانياتي ماڊل تي رکيل آهي.

## ادب جي ساختياتي تنقيد:
**(Structural Criticism of Literature)**

ادب ۾ ڪنهن به شهپاري جي فني قدر و قيمت طئي ڪرڻ لاءِ اسان کي مختلف تنقيدي نظريا موجود ملن ٿا. انهن مان ادب جو ساختياتي تنقيدي نظريو به هڪ آهي، جيڪو ويهين صديءَ جو جديد تنقيدي نظريو مڃيو وڃي ٿو. ادبي دنيا ۾ ساختياتي تنقيد جو پايو وجهندڙ رولينڊ بارٿز (Roland Barthes) ۽ جيڪ ڊيريڊا (Jacques Derrida) آهن.

ٻين نظرين جهڙوڪ ساختيات پڄاڻان ۽ پيچ گهڙ جي ڀيٽ ۾ اڄ ڪلهه ساختياتي تنقيد جو نظريو گهٽ اهميت وارو آهي، ڇاڪاڻ ته ساختياتي نظريو، ساخت جي جبريت سبب تمام سخت تنقيد جو شڪار بڻيو ۽ ڪيس غيرتاريخي هئڻ جو لقب ڏنو ويو، پر جيئن ته ساختيات مان ٻين اهم نظرين جهڙوڪ ساختيات پڄاڻان ۽ پيچ گهڙ جنم ورتو آهي، تنهن ڪري بهرحال ساختياتي نظريي جي اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي.

وِڪي پيڊيا "Wikipedia" ٻڌائي ٿو:

> "Structuralism has often been criticized for being ahistorical and for favoring deterministic structural forces over the ability of people to act." (17)

ترجمو: "ساختيات تي اڪثر اها تنقيد ٿيندي آهي ته اها تاريخ جي برخلاف جبريت جي حامي آهي، جيڪا ماڻهن جي ڪارڪردگيءَ جي صلاحيت کان وڌيڪ ساختياتي طاقت جي جبريت تي يقين رکي ٿي."

ساختياتي تنقيدي نظرئي جي انفراديت اها آهي ته ان صدين کان قائم ادب جي مختلف نظرين جهڙوڪ ادب براءِ ادب، ادب براءِ زندگي ۽ ادب براءِ اظهار کي هميشه جي لاءِ رد ڪري ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ ته گذريل ڪجهه وقت تائين ادبي دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ اهميت ليکڪ جي ذات کي ملندي رهي آهي ۽ ادب بابت مختلف ڳالهيون يا روايتون عام طور رائج رهيون آهن، جهڙوڪ ادب مصنف جي ذات جو اظهار آهي يا ادب زندگيءَ جي مختلف حقيقتن جي ترجماني ڪري ٿو يا وري ادبي شهپاري جي ڪا هڪ مخصوص طئي ٿيل معنيٰ هوندي آهي وغيره.

رولينڊ بارٿز لکي ٿو:

> "The Author still reigns in histories of literature, biographies of writers, interviews, magazines...... the explanation of a work is always sought in the man or woman who produced it." (18)

ترجمو: "ليکڪ اڄ به ادب جي تاريخ ۾ بادشاهت ڪري ٿو. آتم ڪهاڻي

هجي، انٽرويو، مئگزين هجي پر ان جو تفصيل ۾ سمجهاڻي وري به ان مرد يا عورت وٽان ئي ڳولهي ويندي آهي، جنهن ان کي لکيو آهي.“

ساختياتي تنقيد ان نڪتي کي رد ڪري ڇڏيو آهي، ته انسان جو ذهن معنيٰ جو ماخذ يا سرچشمو آهي. ان جي ابتڙ ساختياتي تنقيد ان نڪتي تي زور ڏئي ٿي ته، ادب ۾ معنيٰ جو سرچشمو لساني ۽ ثقافتي نظام آهي، جيڪو هر وقت عمل پيرا رهي ٿو. ادب جون نيون نيون توڙي پراڻيون معنائون، هن لساني ۽ ثقافتي نظام تحت ئي جنم وٺن ٿيون، باقي انسان جو ذهن ازخود معنيٰ کي پيدا نٿو ڪري. ها باقي انساني ذهن، ادبي شهپاري جي معنيٰ جي سڃاڻپ، ان کي قبول يا رد ڪرڻ ۾ گڏوگڏ نئين شڪل ڏيڻ جو وسيلو ضرور بڻجي ٿو.

رولينڊ بارٿز ان نڪتي جي وضاحت ڪندي لکي ٿو ته ڪوبه ليکڪ حقيقت ۾ ڪابه نئين شيءِ تخليق نٿو ڪري بلڪ هو پهريان  کان موجود ادبي روايتن، ثقافت ۽ زبان جي لغت مان فيض حاصل ڪندي، پهريان کان لکيل روايتن کي فقط هڪ نئين شڪل ڏيندو آهي. ڪابه تحرير خالص نه هوندي آهي بلڪ مختلف حوالن جا ٽڪرا، مختلف خيال، قدر، ڪلچر ۽ تاريخ جو گڏيل سڏيل حلوو هوندو آهي، جن کي ليکڪ گڏي هڪ ڪري ڇڏيندو آهي.

“We know that a text is not a line of words releasing a single theological meaning (The message of the Author God) but a multidimensional space in which a variety of writings, none of them original blend and clash. The text is a tissue of quotations drawn from the innumerable centers of culture.” (19)

ترجمو: ”هاڻ اسان کي اها خبر آهي ته تخليق الهامي ناهي، نه وري لفظن جي اها سٽ آهي، جنهن جي معنيٰ ۾ خدائي پيغام ليکڪ ذريعي ڏنو ويو هجي. هڪ گهڻو رخو خال جنهن ۾ قسمين قسمين ليک پريل هجن، پر انهن مان هڪ به اصلي نه هجي، اهو مختلف قولن جو مجموعو آهي، جيڪو اڻ ڳڻيل ڪلچر جي مرڪزن مان ورتل هوندو آهي.“

تنهن ڪري ساختياتي نقاد جڏهن ڪنهن به ٻوليءَ جو تجزيو ڪندو آهي ته هو ادبي متن جي تفصيل ۽ تفسير سمجهائڻ جي بجاءِ ان ثقافتي نظام کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جنهن جي ڪري ڪوبه متن ڪا شڪل وٺي ٿو. جيئن ته اهو نظام مخصوص Codes تي مشتمل ٿئي ٿو، تنهن ڪري ساختياتي نقاد ٻوليءَ جي مطالعي دوران ڪنهن به لکڻيءَ جي ساخت ذريعي انهن عنصرن جي عمل (Function) کي جاچيندو آهي، جيڪي متن ۾ معنيٰ ۽ مفهوم پيدا ڪندا آهن، پوءِ اهي عنصر انهيءَ مخصوص لکڻيءَ جي اندر به هوندا آهن ته اهڙين ٻين لکڻين ۾ به لڪل هوندا

آهن، تنهن ڪري ساختياتي تنقيد ساڳئي قسم جي هڪ لکٽي کي ٻين لکڻين سان ڳنڍڻ جي حامي پڻ آهي. انهيءَ عمل کي لکڻين جي ملاوٽ (Intertextuality) چيو ويجي ٿو.

ساختياتي نظريو ان رويي جي پڻ مخالفت ڪري ٿو ته ڪنهن به ادبي متن جون خاصيتون قيد ڪري سگهجن ٿيون، يا اهي خودڪفيل آهن، بلڪ ساختياتي تنقيد جو سمورو زور ان ڳالهه تي آهي ته متن وسيع ثقافتي نظام جي اندر وجود رکي ٿو، جنهن ۾ متن جي وضاحت هڪٻئي سان لاڳاپي جي رشتي سبب پيدا ٿئي ٿي ۽ اهو عمل ان ڪري ممڪن ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ ته ثقافتي نظام ۾ معنوي نظام جو وسيع تصور موجود ٿئي ٿو.

گوپي چند لکي ٿو ته:

*”ساختیات کا اصرار ہے کہ متن نہ صرف بطور ایک نظام کار گر ہوتا ہے، بلکہ ادبی نظام وسیع تر ثقافتی نظام کے اندر تفاعل رکھتا ہے، گویا بخلاف نئی تنقید کے ساختیات، ہیئت میں مقید نہیں اور وسیع تر معنیاتی نظام کا تصور رکھتی ہے۔“* (20)

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ليکڪ، جيڪو متن تخليق ڪري ٿو، پڙهندڙ يا قاري ان جو مفهوم ۽ معنيٰ ڪهڙيءَ ريت اخذ ڪري ٿو. ان تصور کي اسان هن ماڊل تحت آسانيءَ سان سمجهي سگهون ٿا.

پس منظر

ليکڪ ←—— متن ←—— پڙهندڙ

لساني نظام

ڪوبه ليکڪ پڙهندڙ کي جيڪو پيغام متن (Text) جي صورت ۾ ڏيندو آهي، ان جو هڪ مخصوص ثقافتي پس منظر ۽ لساني نظام يعني (Code) ٿيندو آهي، جنهن کي ليکڪ ۽ پڙهندڙ ٻئي چڱي نموني سمجهي وٺندا آهن، ڇاڪاڻ ته هڪ ئي معاشري سان تعلق رکندڙ ٻنهي فردن جي ذهنن ۾ اهو ثقافتي ۽ لساني نظام پنهنجي مڪمل پس منظر سان گڏ يڪسان طور موجود هوندو آهي.

## سنڌي ادب جو ساختياتي تجزيو:
## (Structural Analysis of Sindhi Literature)

ساختياتي تنقيد جي نقطئہ نظر موجب هاڻ اسان سنڌي ادب جو ساختياتي تجزيو وٺندي، اهو ڏسنداسين ته مختلف نج سنڌي لفظ توڙي ڌارين ٻولين جا لفظ، مختلف اصطلاح توڙي ادب جا ٽڪرا پنهنجي ساخت ۽ ثقافتي نظام سان لهه وچڙ سبب ڪهڙي ريت معنيٰ ۽ مفهوم پيدا ڪن ٿا. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪوڙ سارا اهڙا لفظ

موجود آهن، جن جي لفظي يا لغوي معنيٰ تہ هڪ آهي پر ثقافتي نظام ۾ سندن ساخت سبب معنيٰ تبديل ٿي وئي آهي.

مثال طور: جانور معنيٰ جان وارو. جان واريون تہ ڪيتريون ئي شيون آهن، جيئن انسان، جانور، ٻوٽا، پکي، جيت جڻيا وغيره، پر سنڌي ٻوليءَ جي ساخت ۽ ثقافتي نظام ۾ اهو تصور طئي ٿيل آهي تہ جانور معنيٰ چوپايو مال.

اهڙيءَ ريت ”شراب“ لفظ آهي. عربي زبان ۾ شراب لفظ ”پاڻي“ لاءِ استعمال ٿيندو آهي، پر سنڌي ٻوليءَ جي ساخت ۾ شراب معنيٰ پاڻي ناهي بلڪ شراب لفظ جو تصور وسڪي، وائين ۽ بيئر وغيره سان جڙيل آهي.

ڪسبياڻي معنيٰ ”پورهيو ڪندڙ زال“. لغوي اعتبار سان هر اها عورت ڪسبياڻي آهي، جيڪا ڪم، پورهيو يا مزدوري ڪري ٿي، پر سنڌي زبان جي ساخت ٻڌائي ٿي تہ ڪسبياڻي لفظ جو مطلب آهي جسم وڪڻندڙ عورت يا وحشيا.

استاد لفظ جي معنيٰ آهي ”سيکاريندڙ“ يا ”ڪنهن علم جي ڄاڻ ڏيندڙ“. اهو لفظ فقط استادن لاءِ ئي استعمال ٿيندو هو، پر موجوده وقت ۾ ان لفظ پنهنجي ساخت تبديل ڪري ڇڏي آهي ۽ ڪيترين ئي معنائن ۾ رائج آهي. مثال طور نڳ، جڳاڙي ماڻهوءَ لاءِ استاد لفظ استعمال ٿيڻ، جيئن وڏو ڪو استاد آهين يار! يا مختلف هنرن سان لاڳاپيل ماڻهن لاءِ استاد لفظ ڪي ڪم آڻڻ، جيئن گاڏين جي مڪينڪ لاءِ، بس جي ڊرائيور لاءِ. ساڳي صورتحال ”ڪامريڊ“ لفظ سان بہ نظر اچي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ خوبصورت، رنگارنگي، اڻ ڳڻيا اصطلاح بہ استعمال ٿين ٿا، جيڪي ٻوليءَ جي سونهن ۾ تمام گهڻو واڌارو ڪن ٿا. انهن جي ساخت جو تجزيو بہ سنڌيءَ ۾ ڪري سگهجي ٿو. مثال طور ”اک هڻڻ“ اصطلاح آهي، جنهن جي معنيٰ قطعي طور اها ناهي تہ اک ڪيڏي ڪنهن کي هڻجي. اک هڻڻ جي معنيٰ ڪنهن کي اشارو ڪرڻ. دنيا جي ٻين ٻولين جا ماڻهو ڪڏهن بہ هن اصطلاح جو ”اشارو ڪرڻ“ وارو مفهوم نٿا اخذ ڪري سگهن، ڇاڪاڻ تہ ٻين ٻولين سان تعلق رکندڙ ماڻهن جو ڌيان فقط لفظي معنيٰ ڏانهن ويندو، جڏهن تہ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ هر فرد ان اصطلاح جي ساخت کي فوراً سمجهي ويندو.

اهڙيءَ ريت ٻيا بہ ڪوڙسارا اصطلاح آهن، جيئن ”آسمان مان تارا لاهڻ“. سنڌي ٻوليءَ جو ثقافتي نظام ۽ ساخت ٻڌائي ٿي تہ آسمان مان تارا لاهڻ معنيٰ ڪو بہ ڏکيو ڪم ڪري ڏيکارڻ.

اصطلاح آهي ”ٻہرن کان ٻير گهرڻ“. ان جو مطلب اهو ڪونهي تہ ڪو واقعي ٻہر ۾ ٻير ٿيندا آهن ۽ گهرڻ سان ملي بہ پوندا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي قومي ساخت ۽ ثقافتي نظام تحت هن اصطلاح جي معنيٰ تشڪيل ڏنل آهي تہ ڪنهن ڪم جي ٿيڻ جو آسرو نہ ڪرڻ. اهڙي ريت اهي تصور ٻڌندڙن توڙي ڳالهائيندڙن ۽

لڪندڙن جي ذهنن ۾ پنهنجي مڪمل مفهوم سميت موجود هوندا آهن. اهڙيءَ ريت سنڌي ٻوليءَ جي مزاج جو بہ ساختياتي تنقيدي تجزيو پيش ڪري سگهجي ٿو. سنڌي ٻولي پنهنجي ڪيترين ئي خاصيتن سبب ٻين ٻولين کان نرالي آهي. انهن مان هڪ خاصيت آخري آواز تي حرڪت واري اصول جي بہ آهي. هن خاصيت تحت لفظ اچارجڻ مهل انهيءَ تي زور ايندو آهي. مثال طور اسم آهي "فهميده". هي اسم ڳالهائڻ وقت "فهميدان" طور اچاريو ويندو. ان جو سبب اهو آهي تہ مختلف ٻولين سان ثقافتي لهہ وچڙ سبب جيڪي لفظ سنڌي ٻوليءَ جو حصو بڻجي ويا آهن، انهن پنهنجي ساخت سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ مزاج تحت تبديل ڪري ڇڏي آهي ۽ نئين طريقي سان سنڌي ٻوليءَ ۾ مروج ٿيا آهن. اهڙا ٻيا بہ ڪوڙ مثال ملن ٿا. جهڙوڪ:

جل – جر
تعويذ – تائيت
ساجن – سڄڻ
بئنڪ – بئنڪاري
ائڪٽر – اداڪار
آٽوميٽڪ – خودڪار
اسٽاپ – اسٽان
ماشاءَ الله – شال
اسلام عليڪم – سلاماليڪم
مارڪيٽ – مالڪيٽ وغيره.

تنهن کان سواءِ سنڌي ادب جي مختلف دورن جي ثقافتي نظام ۽ ساخت جو تجزيو بہ ان حوالي سان قابل ذڪر آهي.

سڀ کان پهريائين ڪلاسيڪل دور کي ڏسون ٿا، جنهن کي اسان ڏاهپ 'Wisdom' وارو دؤر بہ چئي سگهون ٿا. مجموعي طور هن دؤر ۾ ادب جو ثقافتي نظام صوفي مت وارو هو. توهان کي ننيڍي کنڊ، هند توڙي سنڌ جي ادب ۾ صوفي مت وارو ڪلچر ملندو. ڀڳت ڪبير، ميران ٻائي، گرو نانڪ، شاهہ عنايت، شاهہ ڪريم، خواجہ محمد زمان، بابا بلهي شاهہ، سلطان باهو ۽ خواجہ غلام فريد جي فڪر ۽ فسلفي ۾ جيڪو شاعراڻو متن ملي ٿو، ان ۾ لفظن جو ڪلچر صوفي ازم وارو آهي.

حوالي طور هيٺيان بيت ڏسو:

ڀڳت ڪبير مطابق:

*صاحب میرا ایک ہے دوجا کہا نہ جائے،*
*دوجا صاحب جو کہوں صاحب کھرا رسائے۔* (21)

شاهہ ڪريم جي فڪر مطابق:

تون چئو الله هيڪڙو، وائي ٻي مَ سک،
سچو اکر من ۾ سوئي، لکئو لک. (22)

يا وري سلطان باهو جو فلسفو ڏسو:

الست بربکم سنیا دل میرے نت قالو بلیٰ کو کیندی ہو
حب وطن دی غالب ہوئی ہک پل سون نہ دیندی ہو
قہر پوے تینوں رہزن دنیا توں تاں حق داراہ مریندی ہو
عاشقاں مول قبول نہ کیتی باہو توںے کر کر زاریاں روندی ہو (23)

توهان ڪي سيني شاعرن جي فڪر ۾ فقط ڪل ۽ جُز جي عڪاسي ملندي، ڇاڪاڻ تہ هن دؤر جي ادبي متن تحت لفظن جو ڪلچر ئي اِهو جڙيو تہ صوفي مت يا وحدت الوجود جي فڪر ۽ فلسفي جي عڪاسي ڪجي.

اهڙيءَ ريت جڏهن ادب ۾ مزاحمتي دؤر آيو، جنهن ۾ ون يونٽ جي قائم ٿيڻ سان زبان جو مسئلو پيدا ٿيو تہ سيئي ناليوارا اديب جهڙوڪ شيخ اياز، عبدالڪريم گدائي، شمشيرالحيدري، نارائڻ شيام، امر جليل، علي بابا، طارق اشرف، رسول بخش پليجو، نجم عباسي، سراج الحق ميمڻ ۽ آغا سليم وغيره جي تخليقن جو ادبي متن قوم پرستيءَ ۽ وطن پرستيءَ جي فڪر جي عڪاسي ڪرڻ لڳو. سندن مزاحمتي ادب ۾ لفظن جو ڪلچر بغاوت وارو هو، جنهن ۾ اديب جا سمورا فڪري، جذباتي توڙي رومانوي جذبا ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ سان وابستہ ٿي ويا.

شيخ اياز انهيءَ احساس تحت لکي ٿو:

سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سِيسُ نمايان...
ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين توکي چشمن چايان...
گيت بہ مون وٽ تنهنجا ماتا بيت بہ تنهنجا پانيان...
متي ماٿي لايان...

گدائيءَ جو مزاحمتي فڪر ڏسو:

تنهنجا وڙها ۽ وستيون سدا پيا وسن،
منهنجي سک جا چمن، سنڌ پيارا وطن.

يا نارائڻ شيام جو هي شعر ڏسو:

سنڌ ڪي ڪونہ ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان،
سنڌ سنڌين ۾ وسي، سنڌ هِتي، سنڌ هُتي،

ملڪ بڻجي ٿو متيءَ سان نہ مگر ماڻهن سان،
سنڌ ڪي ڪونہ چڙائي ڪو سگهي سنڌين کان،
ماڻهن جي پوي صاف سندن ٻوليءَ مان ڄاڻ،
شيام ڳالهائجي سنڌي ٿي جتي سنڌ اتي.

تنهن کان پوءِ وري جڏهن ادب ۾ ترقي پسنديءَ جو دؤر آيو تہ، رجعت پسند سوچ خلاف لکيو ويو. هر پراڻي ۽ عام روايتي فڪر جي پيٽ ۾ نئين ۽ منفرد سوچ کي پليڪار ڪيو ويو، تنهن ڪري اهي ساڳيا اديب متن ذريعي لفظن جي ڪلچر ۾ ترقي پسند فڪر جي نمائندگي ڪرڻ لڳا. توهان ڏسندؤ تہ حيدر بخش جتوئي، شيخ اياز، سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي، تنوير عباسي جي ترقي پسند شاعري، جمال ابڙي ۽ امر جليل جون روشن خياليءَ واريون ڪهاڻيون، اِن مخصوص دؤر جي پيداوار آهن.

جيئن شيخ اياز چيو

انقلاب انقلاب
ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ!
ڏوڏ سامراج کي
ڌاهہ سونئون نظام
جو چڱو چئي عوام.

سرويچ سجاولي روشن خيال ۽ ترقي پسند فڪر جي عڪاسي ڪندي لکي ٿو:

هت چور، وڏيرا، ڪامورا، بس تئي جهڙا ياءُ سڳا،
ٿا مسڪينن کي ماريو ڦريو، پائن عمدا ويس وڳا. (28)

يا وري ابراهيم منشي لکي ٿو:

مون پڪ سڄاتا پنهنجا هئا، ڪي ڏارين سان گڏ ڏاڙي ۾،
ٿي وات ڏسيائون ويرن کي، ويهي وانگيڙن جي واڙي ۾. (29)

توهان ڏسندؤ تہ جڏهن اهي دؤر پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتا تہ نہ شيخ اياز اسان کي مزاحمتي ۽ ترقي پسند شاعري ڏيئي سگهيو، نہ جمال ابڙو ۽ نہ امر جليل ڪا روشن خيال ڪهاڻي تخليق ڪري سگهيا. شيخ اياز آخر ۾ مذهب ڏانهن مائل ٿي دعائون گهرڻ لڳو ۽ نصيحتون ڪرڻ لڳو. اڄ بہ توهان جو امر جليل، رسول بخش پليجو ۽ آغا سليم موجود آهن، پر ان ڏهاڪي جي هڪ بہ ڪهاڻي سنڌي ادب کي ناهن ڏيئي سگهيا، ڇاڪاڻ تہ ادب جو اهو مخصوص دؤر، جنهن جي ثقافتي نظام ۾ لفظن جي ساخت ترقي پسنديءَ ۽ روشن خياليءَ واري هئي، اها پنهنجي پڄاڻي تي پهچي چڪي آهي.

موجوده دؤر ۾ سنڌي ادب جي صورتحال اِها آهي تہ ان جو عبوري دؤر هلي رهيو آهي، جنهن جو نہ ڪو فلسفو آهي ۽ نہ ئي وري ڪو فڪري موضوع ۽ نظريو، جيڪو ادب جي اڳواڻي ڪري سگهي.

سنڌي ادب ۾ هن وقت وڏو خال پيدا ٿي چڪو آهي، جنهن جي ڪري ادب خلا ۾ لٽڪي ويو آهي. لفظ پنهنجي ساخت ۽ ثقافتي نظام وڃائي ويٺا آهن، جنهن ڪري ادب خوبصورت لفظن جي ڪاريگريءَ ۽ تڪ بنديءَ تائين محدود ٿي ويو آهي. اهڙو مُئل ادب معاشري ۽ اديب جي زندگيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جو تحرڪ پيدا ڪرڻ ۾ ناڪام ويجي رهيو آهي

مجموعي طور سان سنڌي ادب ۾ڪوڙ سارا اهڙا لفظ ۽ اصطلاح موجود آهن، جن جي لغوي معنيٰ ۽ ثقافتي نظام تحت طئي ٿيل معنائون، تصور ۽ پس منظر هڪ ٻئي کان مختلف آهن. تنهن کان سواءِ ٻيا لفظ جيئن جل، تعويذ، ساجن اهڙا لفظ آهن جيڪي ڏارين ٻولين جا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ ضم ٿيڻ کان پوءِانهن پنهنجي ساخت تبديل ڪري، نئين شڪل اختيار ڪئي آهي

آخر ۾ سنڌي ادب جي مختلف دورن جي سرجيل ادب جهڙوڪ ڪلاسيڪل، مزاحمتي ۽ روشن خياليءَ واري فڪر تي عملي طورساختياتي تنقيد ڪري ڏيکاري وئي آهي.

## حوالا


1. Advanced learner's Oxford University, 4th edition, Oxford University Press, Walton street, 1989, p.1276.
2. The New Encyclopedia Britannica, vol.2, 15th edition, The university of Chicago, 1988, p.326
3. Blackburn Simon, Oxford Dictionary of Philosophy, 2nd Edition, Oxford University Press,2005,p.325
4. نير، ناصرعباس، جديد اور مابعد جديد تنقيد، انجمن ترقي اردو پاڪستان، 2004ع، ص. 73
5. De Saussure Ferdinand, "The object of study" in Modern Critical Theory, Edited by David lodge , New York, longman,1988, p.1
6. قمر جميل، جديد ادب کي سرحدين، (جلد اول)،مکتبہ دريافت، گلشن اقبال، کراچي،2000ع، ص.22
7. De Saussure Ferdinand, "The object of study" in Modern Critical Theory, Edited by David lodge , New York, longman,1988, p.1
8. نير، ناصرعباس، جديد اور مابعد جديد تنقيد، انجمن ترقي اردو پاڪستان، 2004ع، ص. 74
9. De Saussure Ferdinand, The Course in General Linguistic, Translated by Wade Baskin, new York, Londan,1966, p.16
10. Ibid, p.66
11. Ibid, p.68
12. نارنگ، گوپي چند، "ساختيات ،پس ساختيات اور مشرقي شعريات" ، ايجوڪيشنل پبلشنگ هاوس ،دهلي 993 ، ص:67

13. ايضا ،ص 67
14. قمر جميل، جديد ادب کي سرحدين، (جلد اول)،مکتبہ دريافت، گلشن اقبال، ڪراچي،2000ع، ص. 230
15. De Saussure Ferdinand, The Course in General Linguistic, Translated by Wade Baskin, new York, Londan,1966, p..118-117
16. نارنگ، گوپي چند، ”ساّختيات ،پس ساختيات اور مشرقي شعريات“ ، ايجوڪيشنل پبلشنگ هاوس دهلي،1993 ، ص؛45
17. www.wikipedia.org/wiki/structuralism ,date: 17-09-2015, time: 11:15 a.m.
18. Barthes, Roland, Image – Music – Text, trans. by Stephen Heath, Farrar Straus and Giroux, 1978, p. 143
19. Ibid, p. 146
20. نارنگ، گوپي چند، ”ساّختيات ،پس ساختيات اور مشرقي شعريات“ ، ايجوڪيشنل پبلشنگ هاوس ،دهلي ،1993 ، ص.53.
21. سرسوتی سرن کیف، بھگت کبیر، فلسفہ و شاعری، فکشن ہاؤس، لاہور، 2011ع، ص:25
22. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، شاهه ڪريم جو ڪلام، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1995ع، ص: 187
23. علی سلطان الطاف، ابیات باہو، الفاروق فائونڈیشن بھیرہ، 1975ع، ص:127
24. وڃون وسڻ آئيون، نيو فيلڊس پبلڪيشن حيدرآباد، جلد ٻيو، 1989ع، ص: 15
25. گدائي، عبدالڪريم، پڪڙا ۽ پنهوار، ضلع ترقياتي ايسوسيئيشن جيڪب آباد، جلد پهريون، 1975ع، ص: 80
26. ”سنگت“، سنڌي شاعري نمبر، سنگت پبليڪيشن جو انون ڪتاب، 1994ع، ص؛ 55
27. شيخ اياز، ’پؤنر پري آڪاس‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2008ع، ص: 194
28. سرويچ سجاولي، ’آليون اکيون اٽيا وار‘، لاڙ پبليڪيشن سجاول، 1972ع، ص: 20
29. 29.ابراهيم منشي، ’گوندر ويندا گذري‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1992ع، ص: 52